# سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريه 2014

# SINDH ORDINANCE NO.I OF 2014

# سنڌ سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ آرڊيننس، 2013

# THE SINDH SOLID WASTE MANAGEMENT BOARD ORDINANCE, 2013

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

باب _I

شروعاتي

Chapter_I

Preliminary

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. وصفون

Definitions

باب_II

بورڊ جو قيام

Chapter_II

Establishment of the Board

3. بورڊ جو قيام

Establishment of Board

.4 بورڊ جي جوڙجڪ

Composition of the Board

.5 بورڊ جي جوڙجڪ ۾ تبديلي

Changing in composition of the board

.6 عملدارن تي لاڳو ڪرڻ لائق قاعدا

Rules applicable to officials

.7 اعزازيو ۽ مراعتون

Honoraria and Privileges

باب_III

بورڊ جا اختيار ۽ ڪم

Chapter_III

Powers and functions of the board

.8 بورڊ جا اختيار ۽ ڪم

Powers and functions of the board

.9 بورڊ جي گڏجاڻي

Meeting of the Board

باب_IV

بورڊ جي چيئرمين جا اختيار ۽ ڪم

Chapter_IV

Powers and functions of the Chairman of the board

.10 چيئرمين جا اختيار ۽ ڪم

Powers and function of the Chairman

باب_V

مئنيجنگ ڊائريڪٽر جا اختيار ۽ ڪم

Chapter_V

Powers and functions of the Managing Director

11. مئنيجنگ ڊائريڪٽر

Managing Director

باب_VI

حڪومت جا اختيار

Chapter_VI

Powers of the Government

12. حڪومت جا اختيار

Powers of the Government

باب_VII

ماليات

Chapter_VII

Finances

13. سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ فنڊ

Solid waste management fund

باب_VIII

متفرقات

Chapter_VIII

Miscellaneous

14. فيصلا

Decisions

# سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريه 2014

# SINDH ORDINANCE NO.I OF 2014

# سنڌ سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ آرڊيننس، 2013

# THE SINDH SOLID WASTE MANAGEMENT BOARD ORDINANCE, 2013

[18 جنوري 2014]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ گند ۽ ڪچرو جمع ڪرڻ ۽ نيڪال ڪرڻ لاءِ بورڊ قائم ڪيو ويندو، جنهن کي سنڌ سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ سڏيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته گند ڪچري جي جمع ڪرڻ ۽ نيڪال لاءِ بورڊ جو قيام ضروري ٿي پيو آهي، جنهن کي سنڌ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ سڏيو ويندو، ته جيئن سينيٽيشن جون خدمتون فراهم ڪري سگهجن ته جيئن عوام کي آلودگي کان پاڪ ماحول فراهم ڪري سگهجي ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن کي منهن ڏئي سگهجي.

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

باب _I

شروعاتي
Chapter_I
Preliminary

# باب_I
## شروعاتي
## Chapter_I
## Preliminary

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن آرڊيننس کي سنڌ سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ آرڊيننس، 2013 سڏيو ويندو.
(2)ان جي پوري صوبي سنڌ تائين توثيق ڪئي ويندي.
(3)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2.هن آرڊيننس ۾ جيستائين ڪجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين:
(i) "بورڊ" مطلب هن آرڊيننس تحت قائم ڪيل سنڌ سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ؛
(ii) "بجيٽ" مطلب مالي سال لاءِ بورڊ جي ڪمائي ۽ خرچ جو اسٽيٽمينٽ؛
(iii) "عمارت" جنهن ۾ شامل آهي ڪو دڪان، گهر، جهوپڙي، آئوٽ هائوس، ڇاپرو، اسٽيبل، انڪلوزر، پٽ، ڪوهه، ويراندو، پليٽ فارم، پيڙهه، ريمپ، ڏاڪڻ ۽ قدم؛
(iv) "ڪنٽونمينٽ بورڊ" مطلب ڪنٽونمينٽ ايڪٽ، 1924 (1924 جي ايڪٽ نمبر II) تحت جوڙيل ڪنٽونمينٽ بورڊ؛
(v) "پالتو جانور" مطلب ڳئون، مينهون، ڍڳا، سان، گابا، پاڏا، وڇيريون، اٺ، رڍون ۽ ٻڪريون؛
(vi) "چيئرمين" مطلب بورڊ جو چيئرمين؛
(vii) "شهر" مطلب هن آرڊيننس تحت شهر طور اعلانيل ايراضي؛
(viii) "ڪنزرونسي" مطلب ڪچرو جمع ڪرڻ، ٽريٽمينٽ، هٽائڻ ۽ نيڪال ڪرڻ؛

(ix) "ڪارپوريشن" مطلب ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن، ڊسٽرڪٽ ميونسپل ڪارپوريشن ۽ ميونسپل ڪارپوريشن؛

(x) "ڪائونسل" مطلب ڪارپوريشن، ميونسپل ڪميٽي، ٽائون ڪميٽي، ڊسٽرڪٽ ڪائونسل، يونين ڪائونسل ۽ يونين ڪميٽي؛

(xi) "ضلعو" مطلب سنڌ لينڊ رينيو ايڪٽ، 1967 تحت ڄاڻايل هڪ رينيو ضلعو؛

(xii) "ڊويزن" مطلب سنڌ لينڊ رينيو ايڪٽ، 1967 تحت ڄاڻايل هڪ رينيو ڊويزن؛

(xiii) "نالي" جنهن ۾ شامل آهي سيور، هڪ گهر جي نالي، ڪنهن به قسم جي نالي، هڪ سرنگهه، ڪلورٽ، چينل ۽ گند ڪچرو نيڪال ڪرڻ لاءِ ٻي ڪا ڊيوائس؛

(xiv) "حددخلي" مطلب غير قانوني قبضو يا غير قانوني مداخلت ڪنهن گهٽي، عمارت، زمين، جڳهه يا احاطي ۾ جيڪو ڪائونسل جي انتظام يا ضابطي هيٺ ايندو هجي؛

(xv) "فيڪٽري" کي ساڳي معنيٰ آهي جيڪا ان کي فيڪٽريز ايڪٽ، 1934 (1934 جي ايڪٽ XXV) تحت ڏنل آهي؛

(xvi) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(xvii) "زمين" کي ساڳي معنيٰ آهي جيڪا ان کي زمين حاصلات ايڪٽ، 1894 (1894 جي ايڪٽ I) تحت ڏنل آهي؛

(xviii) "مئنيجنگ ڊائريڪٽر" مطلب هن آرڊيننس تحت حڪومت طرفان مقرر ڪيل بورڊ جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر؛

(xix) "مارڪيٽ" مطلب اها جاءِ جتي گوشت، مڇي، ميون، سبزين يا ٻين شين جي وڪري ۽ خريد لاءِ ماڻهو گڏ ٿين، يا پالتو جانورن يا جانورن جي خريد ۽ وڪري لاءِ ۽ جنهن ۾ شامل آهن شاپنگ سينٽر، ڪمرشل آفيس يا احاطا ۽ ڪا جڳهه جيڪا قاعدن موجب مارڪيٽ

طور جاڻائي وئي هجي؛

(xx) ”ميمبر“ مطلب بورڊ جو ميمبر؛

(xxi) ”ميونسپلٽي“ مطلب شهري ايراضي جيئن سنڌ لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ، 2013 ۾ جاڻائي وئي هجي؛

(xxii) ”بيان ڪيل“ مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل قاعدن يا ضابطن موجب بيان ڪيل؛

(xxiii) ”صوبو“ مطلب سنڌ صوبو؛

(xxiv) ”عوامي جڳهه“ مطلب ڪا عمارت، احاطو يا جڳهه جنهن تائين عوام کي رسائي حاصل هجي؛

(xxv) ”عوامي گهٽي“ مطلب حڪومت، يا ڪائونسل يا لوڪل اٿارٽي طرفان سنڀاليل گهٽي؛

(xxvi) ”ڪچرو“ جنهن ۾ شامل آهي ڪچرو، پڪل سڙون، گپ، پڪل شيشو، نيڪال، رات جي مٽي، ٻهاري ڏنل گند، ڪنو رت، سڱ، هڏا ۽ ڪنو گوشت، ميڊيڪل نيڪال ۽ ٻيو ڪو ڪڍيل يا خارج ڪيل مادو؛

(xxvii) ”ضابطا“ مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل ضابطا؛

(xxviii) ”روڊ“ مطلب ڪو رستو يا دڳ ۽ جنهن ۾ شامل آهي لنگهه؛

(xxix) ”قاعدا“ مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل قاعدا؛

(xxx) ”سولڊ ويسٽ“ جنهن ۾ شامل آهن ڪچرو، پڪل سڙون، گپ، پڪل شيشو، نيڪال، رات جي مٽي، ٻهاري ڏنل گند، جانورن جا ڇيڻا، نالين جو نيڪال، ڪنو رت، سڱ، هڏا ۽ ڪنو گوشت ۽ ٻيو ڪو ڪڍيل يا خارج ڪيل مادو؛

(xxxi) ”گند“ جنهن ۾ شامل آهي اسپتال جو گند، صنعتي گند، زرعي گند ۽ هر قسم جو جمع ڪيل، گڏ ڪيل، ڍير لڳايل يا مختلف

ادارن طرفان ڪائونسلز جي نيڪال لاءِ اچلايل گند ڪچرو ۽ هر قسم جو پاڻياٺ گند، آلودگي ۽ زهريليون گئسون؛

(xxxii) "گندگي" جنهن ۾ شامل آهي سيوريج، گندو پاڻي، برساتي پاڻي ۽ نالي ذريعي آندو ويو ڪو نيڪال ڪيل مادو؛

(xxxiii) "سيڪريٽري" مطلب بورڊ جو سيڪريٽري؛

(xxxiv) "گهٽي" مطلب شهر، ٽائون يا ڳوٺ ۾ عوامي رستو ۽ جنهن ۾ شامل آهي ڪو لنگهه؛

(xxxv) "ٽيڪس" جنهن ۾ شامل آهي ڪو ٽول، ريٽ، سيس، في يا هن آرڊيننس تحت اوڳاڙي لائق ٿيو ڪو انپوسٽ؛

(xxxvi) "ٽائون" مطلب هڪ شهري ايراضي جيئن سنڌ لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ، 2013 (2013 جي ايڪٽ نمبر XLII) ۾ بيان ڪيل آهي؛

(xxxvii) "شهري ايراضي" مطلب شهري ايراضي جيئن سنڌ لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ، 2013 (2013 جي ايڪٽ نمبر XLII) ۾ بيان ڪيل آهي.

باب_II
بورڊ جو قيام
Chapter_II
Establishment of the Board

## باب_II

## بورڊ جو قيام

## Chapter_II

## Establishment of the Board

بورڊ جو قيام
Establishment of Board

3.(1) هتي هڪ بورڊ هوندو، جنهن کي سنڌ سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ سڏيو ويندو، جيڪو هن آرڊيننس تحت قائم ڪيو ويندو.

(2) بورڊ هڪ باڊي ڪارپوريٽ هوندو، جنهن کي حقيقي وارثي ۽ عام مهر سان گڏ هن آرڊيننس، قاعدن ۽ ضابطن تحت ٻنهي قسم جي

متحرڪ ۽ غير متحرڪ ملڪيت حاصل ڪرڻ، رکڻ ۽ ڀائيواري ڪرڻ جو اختيار هوندو ۽ ساڳئي نالي سان ڪيس ڪري سگهندو ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.

بورڊ جي جوڙجڪ
Composition of the Board

4.(1)بورڊ هيٺين تي مشتمل هوندو:

| | |
|---|---|
| (i)سنڌ جو وڏو وزير يا سنڌس نامزد ڪيل | چيئرمين |
| (ii) مئنيجنگ ڊائريڪٽر | ميمبر |
| (iii)چار ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽرز | ميمبر |
| (iv)ايڊيشنل چيف سيڪريٽري (ڊولپمينٽ) يا سندس نمائندو جيڪو ايڊيشنل سيڪريٽري جي عهدي کان گهٽ نہ هجي | ايڪس آفيشو ميمبر |
| (v)سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ، ٽائون پلاننگ ۽ رورل ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ يا سندس نمائندو جيڪو ايڊيشنل سيڪريٽري جي عهدي کان گهٽ نہ هجي | ايڪس آفيشو ميمبر |
| (vi)سيڪريٽري انڊسٽريز ڊپارٽمينٽ يا سندس نمائندو جيڪو ايڊيشنل سيڪريٽري جي عهدي کان گهٽ نہ هجي | ايڪس آفيشو ميمبر |
| (vii)سيڪريٽري هيلٿ ڊپارٽمينٽ يا سندس نمائندو جيڪو ايڊيشنل سيڪريٽري جي عهدي کان گهٽ نہ هجي | ايڪس آفيشو ميمبر |
| (viii)سيڪريٽري فنانس ڊپارٽمينٽ يا سندس نمائندو جيڪو ايڊيشنل سيڪريٽري جي عهدي کان گهٽ نہ هجي | ايڪس آفيشو ميمبر |
| (ix)سيڪريٽري ڪچي آباديز ڊپارٽمينٽ يا سندس نمائندو جيڪو ايڊيشنل سيڪريٽري جي | ايڪس آفيشو |

| | |
|---|---|
| عهدي کان گهٽ نہ هجي | ميمبر |
| (x)سيڪريٽري انوائرمينٽ ڊپارٽمينٽ يا سندس نمائندو جيڪو ايڊيشنل سيڪريٽري جي عهدي کان گهٽ نہ هجي | ايڪس آفيشو ميمبر |
| (xi)ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن، ٻين ميونسپل ڪارپوريشنز جو ميئر، ڊسٽرڪٽ ميونسپل ڪارپوريشنز، ميونسپل ڪارپوريشنز، ميونسپل ڪميٽيز ۽ ٽائون ڪميٽيز جو چيئرمين جيڪو بہ گهربل هجي | ايڪس آفيشو ميمبر |
| (xii)ڪراچي چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽريز جو صدر يا سندس نمائندو | ايڪس آفيشو ميمبر |
| (xiii)مليٽري ليندز اينڊ ڪنٽونمينٽ، ڪراچي جو ڊائريڪٽر يا سندس نمائندو | ايڪس آفيشو ميمبر |
| (xiv)ڊفينس هائوسنگ اٿارٽي ڪراچي جو ايڊمنسٽريٽر يا سندس نمائندو | ايڪس آفيشو ميمبر |

(2)سيڪريٽري بورڊ جي سيڪريٽري طور ڪم ڪندو.

**بورڊ جي جوڙجڪ ۾ تبديلي**
**Changing in composition of the board**

5.(1)حڪومت ڪنهن بہ وقت نوٽيفڪيشن ذريعي بورڊ جي جوڙجڪ تبديل ڪري سگهي ٿي.

(2)بورڊ جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر ۽ ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر حڪومت طرفان نجي سيڪٽري يا حڪومت جي ضابطي هيٺ ڪم ڪندڙ عملدارن منجهان مقرر ڪيا ويندا.

(3)بورڊ سمورن عملدارن، صلاحڪارن، مشيرن ۽ ٻئي عملي جي

پرتي هن آرڊيننس تحت جوڙيل قاعدن تحت ڪندو.

(4)بورڊ جا چار ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽرز هوندا جيڪي حڪومت طرفان مقرر ڪيا ويندا ۽ اهڙا ڪم سرانجام ڏيندا جيڪي بورڊ طرفان سونپيا ويندا.

(5)بورڊ جو سيڪريٽري هوندو، جيڪو حڪومت طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت مقرر ڪيو ويندو، جيئن اها طئي ڪري.

(6)سيڪريٽري اهڙا اختيار استعمال ڪندو ۽ اهڙا ڪم سرانجام ڏيندو، جيڪي بورڊ طرفان ڪيس سونپيا ويندا.

(7)حڪومت ايترا ڊائريڪٽرز مقرر ڪندي جيترا اها ضروري سمجهي.

(8)مئنيجنگ ڊائريڪٽر ۽ بورڊ جا چار ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽرز شروعاتي طور تي ٽن سالن جي مدي لاءِ مقرر ڪيا ويندا، جيڪو وڌيڪ عرصي لاءِ وڌايو ويندو، جيئن حڪومت طئي ڪري.

(9)جيڪڏهن مئنيجنگ ڊائريڪٽر يا ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر جو عهدو ڪنهن سبب جي ڪري خالي ٿي وڃي ته حڪومت نئون مئنيجنگ ڊائريڪٽر يا ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر مقرر ڪندي.

(10)حڪومت کي مئنيجنگ ڊائريڪٽر، يا ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽرز کي هٽائڻ جو اختيار هوندو، جيڪو اهو دماغي توازن وڃائي ويهي، يا بيماري سبب نااهل ٿي وڃي يا بداخلاقي ۾ ملوث هجي يا ان کي قانون جي عدالت طرفان سزا ٻڌائي وئي هجي.

عملدارن تي لاڳو ڪرڻ لائق قاعدا
Rules applicable to officials

6.ڪارڪردگي ۽ نظم و ضبط جا قاعدا، ڪنڊڪٽ رولز، موڪل جا قائدا ۽ ٻيا سمورا انتظامي ۽ مالياتي قاعدا، ضابطا ۽ حڪومت جا اسٽينڊنگ آرڊرز بورڊ جي سمورن ملازمن تي لاڳو هوندا.

| | |
|---|---|
| 7.پگھار، الائونس ۽ بورڊ جي ملازمن جو اعزازيو، اهڙيءَ ريت هوندو، جيئن قاعدن ۾ بيان ڪيو ويو هجي. | اعزازيو ۽ مراعتون<br>Honoraria and Privileges |

## باب_III

## بورڊ جا اختيار ۽ ڪم

## Chapter_III

## Powers and Functions of the Board

باب_III
بورڊ جا اختيار ۽ ڪم
Chapter_III
Powers and functions of the board

| | |
|---|---|
| 8.(1)بورڊ کي سولڊ ويسٽ سان لاڳاپيل معاملن، اثاثن، فنڊز ۽ ڪائونسلز جي اثاثن تي حق حاصل هوندو ۽ سمورين ڪائونسلز جي حدن اندر هر قسم جي سولڊ ويسٽ تي حق حاصل هوندا.<br>(2)بورڊ کي فردن، ادارن، صنعتن، فيڪٽريز، ورڪشاپس، فرنيسز، ڪمپوسٽ ميڪنگ ۽ پاور جنريشين کي گند ڪچري مان ري سائيڪل ٿيڻ لائق مواد جي الڳ ڪرڻ، جمع ڪرڻ، ٽريٽ مينٽ، وڪري ۽ خريد، ريسائيڪلنگ يا ڪنهن به قسم جي گند ڪچري جي نيڪال جي اجازت ڏيڻ جو اختيار حاصل هوندو.<br>پنهنجي ڪمن جي ادائگي دوران بورڊ حڪومت جي ايگزيڪيوٽو اٿارٽي جي ڪم ۾ رڪاوٽ نه وجهندو يا تعصب نه ڪندو.<br>(3)بورڊ ڪندو:<br>(a)حڪومت کي بيان ڪيل قاعدن موجب سيس، ٽيڪس يا ڀيون کي چارجز لڳائڻ لاءِ تجويز ڪري سگهي ٿو:<br>(b)بورڊ طرفان منظوري لاءِ لڳائي ويندڙ سولڊ ويسٽ ٽيرف، ريٽس، چارجز يا فيس جو شيڊول تيار ڪرڻ ۽ حڪومت کي جمع ڪرائڻ:<br>(c)گند ڪچري جي بيان ڪيل قاعدن جي خلاف جمع ڪرڻ ۽ | بورڊ جا اختيار ۽ ڪم<br>Powers and functions of the board |

نيڪال خلاف سيس، ريٽس، چارجز فيس يا ڏنڊ مڙهڻ، جمع ڪرڻ ۽ بازياب ڪرڻ؛

(d)سرچارج رقم اوڳاڙڻ جيڪا واجب الادا رقم جي ٻيڻ کان وڌيڪ نه هوندي، جيڪڏهن سولڊ ويسٽ لاءِ چارجز يا فيس بورڊ طرفان طئي ڪيل وقت اندر ادا نه ڪيا وڃن؛

(e)بجيٽ گرانٽ اندر مڪمل مالياتي اختيار حاصل هوندا؛

(f)سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ جي آپريشن سان لاڳاپيل عمارتن، سائيٽس ۽ مشينري جي تعمير، سڌارو، مينٽين ڪرڻ؛

(g)سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ جو وقت بوقت ڪم هلائڻ لاءِ آپريشنل، ايڊمنسٽريٽو، هيومن ريسورس مئنيجمينٽ ۽ ماليات لاءِ قاعدا ۽ ضابطا جوڙڻ؛

(h)سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ سان لاڳاپيل موجود اسڪيمن تي نظرثاني ڪرڻ يا نيون اسڪيمون تيار ڪرڻ ۽ انهن تي ڪم ڪرڻ؛

(i)سولڊ ويسٽ جي جنريشن، جمع ڪرڻ، منتقلي، ري سائيڪلنگ، واپار جي پوائنٽس جي ذريعن تي ضابطو يا جاچ پڙتال ڪرڻ؛

(j)بورڊ جا اڪائونٽس ۽ رڪارڊز سنڀالڻ؛

(k)بورڊ ۾ ڪنهن عهدي جو شيڊول تيار ڪرڻ ۽ ريوائيز ڪرڻ ۽ حڪومت ڪي منظوري لاءِ پيش ڪرڻ؛

(l)ٿرڊ پارٽي ڪي بورڊ جي طرفان سولڊ ويسٽ جو انتظام سنڀالڻ لاءِ مقرر ڪرڻ جنهن ڪي مئنيجنگ ڊائريڪٽر جو اختيار حاصل هوندو، اهڙيون پارٽيز مقرر ڪرڻ لاءِ جيڪي سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ ۽ ماڻهن جي فائدي لاءِ ضروري هجن؛

(m)ٿرڊ پارٽي ڪي گهٽ ۾ گهٽ هڪ مشهور اخبار ذريعي ڪوٽ ڏيڻ؛

(n)قيمت ۽ خدمت جي معيار موجب گهٽ ۾ گهٽ ٽينڊر قبول

ڪرڻ؛

(o)لاڳاپيل آپريشنل ۽ مالياتي طريقيڪار ۽ سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ ايڪٽ ۽ ان سلسلي ۾ جوڙين قاعدن تي عمل ڪرڻ؛

(p)ڪنهن ويسٽ مئنيجمينٽ اداري يا ڪائونسل طرفان فراهم ڪيل خدمت جو انتظام ۽ ضابطو سنڀالڻ.

(4)بورڊ ڪن ڪمرشل يا بزنس انٽرپرائيز لاءِ اسڪيمن لاءِ سهڪار ڪري، هٿي وٺرائي، انتظام ڪري، ڪم ڪرائي ۽ عملدرآمد ڪري سگهي ٿو، جيڪي ويسٽ جي انتظامن ۾ فائدو ڏئي سگهن.

(5)بورڊ سڌيءَ ريت يا ٻاهرين پروفيشنل مدد سان سولڊ ويسٽ نيڪال ڪرڻ جو منصوبو تيار ڪري ۽ عملدرآمد ڪري سگهي ٿو، جنهن ۾ هيٺيان معاملا شامل هوندا:

(a)اسڪيم يا اسڪيمن جو قسم يا هنڌ؛

(b)ڪل ڪٿيل قيمت؛

(c)ماليات جا ذريعا؛

(d)شروعات جي تاريخ؛

(e)مڪمل ڪرڻ جي تاريخ؛

(f)ڪم ڪرڻ جو طريقو؛

(g)مرمت لاءِ ذميدار ايجنسيون؛

(h)فائدا، ٽوس ۽ غير محسوس رقمون؛

(i)ماڻهن کي فائدو پهچائڻ لاءِ تمام گهٽو ضروري منصوبي کي عمل ۾ آڻڻ جو طريقو.

(6)بورڊ گند ڪچري جمع ڪرڻ، منتقل ڪرڻ، ري سائيڪلنگ، ياڻ ٺاهڻ ۽ ڪچري مان توانائي پيدا ڪرڻ، سولڊ ويسٽ جي فلنگ سائيٽس جي ترقي وغيره سان لاڳاپيل ڪنهن ڪم مان ذريعا حاصل ڪرڻ لاءِ اسڪيمون تيار ڪندو يا انتظام ڪندو.

(7)بورڊ زمين وڪرو ڪري يا ليز ڏئي سگهي ٿو يا ڪنهن ٻي ملڪيت اهڙن اگهن تي جيڪي حڪومت سان مشاورت بعد طئي ڪيا وڃن، انهن تي ويسٽ مئنيجمينٽ جي عملدرآمد ۾ مدد ڪرڻ لاءِ وڪرو ڪري يا ليز تي ڏئي سگهي ٿو. بورڊ اگهه تجويز ڪرڻ لاءِ ڪمرشل ۽ سوشل بينيفيٽ ڪيس تيار ڪندو ۽ حڪومت اهڙا اگهه تيستائين قبول نہ ڪندي جيستائين اهي حڪومت جي پاليسي تحت طئي نہ ڪيا ويا هجن.

(8)منتقلي جي عرصي دوران سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ جو ڪم ڪائونسلز طرفان جاري رکيو ويندو. مڪاني حڪومت جو ڪاتو ڪمن جي ڪائونسلز ڪان بورڊ ڏانهن منتقلي جي تاريخ سرڪاري نوٽيفڪيشن ذريعي جاڻائيندو.

(9)بورڊ ويسٽ مئنيجمينٽ جي پروجيڪٽس تي سمورن ڪمرشل ادارن، ايجنسيز ۽ پرڏيهي تنظيمن سان صوبائي حڪومت جي مشاورت سان ڳالهيون ڪندو، نظرثاني ڪندو ۽ انهن کي حتمي شڪل ڏيندو.

بورڊ جي گڏجاڻي

Meeting of the Board

9.بورڊ جي گڏجاڻي

(1) بورڊ گهٽ ۾ گهٽ ٻن مهينن ڪان پوءِ گڏجاڻي ڪوٺائيندو، جنهن جي صدارت چيئرمين ڪندو جهڙوڪ وڏو وزير يا سندس نمائندو، جنهن ۾ ڪم جي اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويندو ۽ فيصلا موجود سمورن جي ووٽ جي اڪثريت سان ڪيا ويندا ۽ نوان قدم بورڊ طرفان کنيا ويندا.

(2)چيئرمين ملڪ ڪان ٻاهر هئڻ جي صورت ۾ يا گڏجاڻيءَ جي صدارت ڪرڻ جي حالت ۾ نہ هئڻ جي صورت ۾ مئنيجنگ ڊائريڪٽر گڏجاڻيءَ جي صدارت ڪندو ۽ اهڙي گڏجاڻيءَ ۾ ڪيل سمورن فيصلن تي چيئرمين ڪان بعد ۾ منظوري وٺندو.

(3) گڏجاڻيءَ جو ڪورم

گهٽ ۾ گهٽ ٻه پاڱي تي سرڪاري ميمبرز جهڙوڪ چيئرمين، مئنيجنگ ڊائريڪٽر، ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽرز ۽ گهٽ ۾ گهٽ چار ايڪس آفيشو ميمبر بورڊ جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم پورو ڪرڻ لاءِ گهربل هوندا.

(4) گڏجاڻيءَ جا منٽس

بورڊ جي هر گڏجاڻيءَ جا منٽس گڏجاڻي ٿيڻ کان 48 ڪلاڪن جي اندر جاري ڪيا ويندا.

(5) ڪميٽيون ۽ ذيلي ڪميٽيون

بورڊ آپريشن، ايڊمنسٽريشن، هائرنگ، ٽينڊرنگ، فنانشل ۽ بجيٽري معاملي وغيره لاءِ مختلف ڪميٽيون ۽ ذيلي ڪميٽيون جوڙيندو.

(6) بورڊ صوبي ۾ سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ سان حالي طور منهن ڏيندڙ ڪائونسلز ۽ ٻين باڊيز کان سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ جو ڪم ترتيبوار پنهنجي تحويل ۾ وٺندو.

باب_IV
بورڊ جي چيئرمين جا اختيار ۽ ڪم
Chapter_IV
Powers and functions of the Chairman of the board

## باب_IV

## بورڊ جي چيئرمين جا اختيار ۽ ڪم

## Chapter_IV

## Powers and functions of the Chairman of the Board

چيئرمين جا اختيار ۽ ڪم
Powers and

10.(1) چيئرمين هيٺيان اختيار استعمال ڪندو:

(a) جيستائين ڪو جوڳو سبب نه هجي، بورڊ جي سمورين گڏجاڻين جي صدارت ڪندو؛

function of the Chairman

(b)بورڊ جي مالياتي، ايگزيڪيوٽو ۽ انتظامي معاملن جي نظرداري ڪندو ۽ اهڙا ڪم سرانجام ڏيندو، جيڪي هن آرڊيننس تحت چيئرمين کي سونپيا ويا هوندا؛

(c)ايمرجنسي ۾ بورڊ جي جاءِ تي ڪم ڪندو، ايندڙ گڏجاڻيءَ ۾ بورڊ کي اهڙن قدمن بابت آگاهه ڪرڻ جو پابند هوندو ۽ اهڙيءَ ريت کنيل قدمن تي بورڊ جي منظوري حاصل ڪندو.

(2)جڏهن چيئرمين پاڪستان کان غير حاضري سبب يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري، پنهنجا اختيار استعمال ڪرڻ ۽ پنهنجا ڪم سرانجام ڏيڻ لائق نہ هجي، مئنيجنگ ڊائريڪٽر، جيستائين حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي چيئرمين جون ذميداريون ڪنهن ٻئي شخص کي نہ سونپيون هجن، چيئرمين جا اختيار ۽ ڪم سرانجام ڏيندو.

باب_V
مئنيجنگ ڊائريڪٽر جا
اختيار ۽ ڪم
Chapter_V
Powers and functions of the Managing Director

## باب _ V
## مئنيجنگ ڊائريڪٽر جا اختيار ۽ ڪم
## Chapter_V
## Powers and Functions of the Managing Director

مئنيجنگ ڊائريڪٽر
Managing Director

11.(1)مئنيجنگ ڊائريڪٽر حڪومت طرفان اهرين شرطن ۽ ضابطن تحت مقرر ڪيو ويندو، جيئن اها طئي ڪري.

(2)مئنيجنگ ڊائريڪٽر بورڊ جو چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر هوندو.

(3)چيئرمين جي عام ضابطي هيٺ، مئنيجنگ ڊائريڪٽر ڪري سگهندو:

(a)حڪومت جي هدايتن ۽ بورڊ طرفان ڪيل فيصلن تي عمل ڪندو ۽ مالياتي اختيار استعمال ڪندو جيئن قاعدن تحت بيان ڪيا ويا هجن.

(b)بورڊ جي منظوري سان ساليانو، سپليمينٽري يا نظرثاني ٿيل بجيٽ تيار ڪندو ۽ منظوري لاءِ حڪومت کي پيش ڪندو؛

(c)آڊيٽر جنرل آف پاڪستان طرفان تيار ڪيل آڊٽ رپورٽس حڪومت کي جمع ڪرائيندو ۽ آڊيٽر طرفان ڇاٽايل ڪا به بي ضابطگي ختم ڪرڻ لاءِ فوري ڪارروائي ڪندو؛

(d)بورڊ جي گڏجاڻيءَ ۾ پاس ڪيل ٺهراءَ جي نقل حڪومت کي جمع ڪرائيندو يا اهڙي ٻي اختياري کي جيئن حڪومت وقت بوقت نامزد ڪري.

(f)ريٽرن جي نقل، اڪائونٽ جي اسٽيٽمينٽ جي نقل، يا رپورٽ يا پنهنجي تحويل ۾ ڪنهن دستاويز جي نقل جيڪا بورڊ طرفان جوڙيل ڪنهن ڪميٽي يا ذيلي ڪميٽي طرفان طلب ڪئي وڃي، ان کي فراهم ڪندو؛

(g)سمورن فراڊ، گھوٻين، چوري يا رقم يا ملڪيت جي نقصان جي ڪيسن بابت حڪومت، چيئرمين ۽ بورڊ کي رپورٽ ڪندو؛

(h)اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيندو ۽ اهڙا ٻيا اختيار استعمال ڪندو جيڪي وقت بوقت حڪومت يا بورڊ طرفان ڪيس سونپيا ويندا.

(2)اهڙين حدن موجب جيڪي بورڊ طرفان مقرر ڪيون ويون هجن، مئنيجنگ ڊائريڪٽر پنهنجا ڪي به اختيار ڪنهن ميمبر يا بورڊ جي ڊائريڪٽر کي منتقل ڪري سگھي ٿو.

(5)بيماري سبب يا پرڏيهه دوري يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري مئنيجنگ ڊائريڪٽر جي غير حاضري جي صورت ۾ سڀ کان سينئر ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر مئنيجنگ ڊائريڪٽر جي چارج سنڀاليندو

جيستائين حڪومت طرفان ڪنهن بہ شخص لاءِ نوٽيس نہ ڪڍيو وڃي.

## باب_VI
## حڪومت جا اختيار
## Chapter_VI
## Powers of the Government

باب_VI
حڪومت جا اختيار
Chapter_VI
Powers of the Government

حڪومت جا اختيار
Powers of the Government

12.(1)بورڊ جي ساليانيءَ، سپليمينٽري ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ حڪومت طرفان منظور ڪئي ويندي.
(2)ساليانو بجيٽ حڪومت کي ماليات کاتي طرفان اعلانيل بجيٽ شيڊول موجب جمع ڪرائي ويندي.
(3)حڪومت سولڊ ويسٽ ٽيرف، اگهن، چارجز يا سولڊ ويسٽ لاءِ اوڳاڙي ويندڙ فيس جي شيڊول ۾ تبدي سان يا تبديلي ڪانسواءِ بورڊ طرفان جمع ڪرائڻ جي پندرنهن کم وارن ڏينهن اندر منظور ڪندي. جيڪڏهن پندرنهن کم وارن ڏينهن کانپوءِ ڪا منظوري ناهي ڏني وئي، تہ سولڊ ويسٽ ٽيرف، اگهن، چارجز يا اهڙيءَ ريت تجويز ڪيل فيس جو شيڊول حڪومت طرفان جيئن جو تيئن منظور سمجهيو ويندو.
(4)حڪومت بورڊ طرفان سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ لاءِ جمع ڪرايل ڪنهن اسڪيم کي تبديلي سان يا تبديلي ڪانسواءِ منظور ڪري يا ان کي رد ڪري سگهي ٿي.
(5)بورڊ حڪومت جي منظوري سان بورڊ لاءِ پرڏيهي ڪرنسي رقم سميت ڊگهي مدي وارا يا ننڍي مدي وارا قرض حاصل ڪري سگهي ٿو.
(6)حڪومت بورڊ کي امداد ڏئي سگهي ٿي ۽ ان کي گرانٽ ڪري

سگهي ٿي.

## باب _VII
## ماليات
## Chapter_VII
## Finances

باب_VII
ماليات
Chapter_VII
Finances
سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ فنڊ
Solid waste management fund

13.(1)بورڊ لاءِ هڪ ڌار فنڊ قائم ڪيو ويندو، جنهن کي سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ فنڊ سڏيو ويندو.

(2)حڪومت فنڊ لاءِ اهڙي رقم ڏيندي جيئن حڪومت طئي ڪري.

(3)فنڊ ۾ شامل هوندو:

(a)بورڊ کي ادائگي لاءِ سولڊ ويسٽ مئنيجمينٽ چارجز، اگهن يا فيس جي ڪليڪشن؛

(b)بورڊ کي ڏنل گرانٽس ۽ امداد؛

(c)بورڊ لاءِ جمع ڪيل يا حاصل ڪيل قرض؛

(d)بورڊ طرفان حاصل ڪيل ٻيون سموريون رقمون.

(4)فنڊ بورڊ طرفان سنڀاليو ۽ هلايو ويندو.

(5)فنڊ ۾ جمع ڪرايل رقمون اهڙين بئنڪن ۾ جمع ڪرايون وينديون، جن جي بورڊ منظوري ڏني.

(6)فنڊ بورڊ طرفان وفاقي حڪومت يا صوبائي حڪومت جي ڪنهن سڪيورٽي يا حڪومت طرفان منظور ڪيل ڪنهن ٻي سڪيورٽيءَ ۾ سيڙايو ويندو.

(7)بورڊ جا اڪائونٽس ۽ رڪارڊ اهڙيءَ ريت رکيو ويندو جيئن حڪومت طرفان بيان ڪيو ويو هجي پر هر وقت عالمي جنرل اڪائونٽنگ قاعدن موجب رکيو ويندو.

(8)بورڊ جا اڪائونٽس ساليانو مالي سال ختم ٿيڻ جي ڇهن مهينن اندر آڊيٽر جنرل آف پاڪستان طرفان آڊٽ ڪيا ويندا.

(9)بورڊ آڊٽ ٿيل اڪائونٽس جو اسٽيٽمينٽ آڊٽ رپورٽ سميت حڪومت کي جمع ڪرائيندو.

باب_VIII
متفرقات
Chapter_VIII
Miscellaneous

## باب _VIII
## متفرقات
## Chapter_VIII
## Miscellaneous

فيصلا
Decisions

14.(1)بورڊ جا سمورا فيصلا ان جي گڏجاڻين ۾ ووٽ جي اڪثريت ذريعي ڪيا ويندا ۽ اهڙين گڏجاڻين ۾ ووٽ برابر ٿيڻ جي صورت ۾ چيئرمين کي هڪ ووٽ حاصل هوندو.

(2)بورڊ جي گڏجاڻي اهڙيءَ ريت ۽ اهڙي وقت تي ۽ اهڙي هنڌ تي ڪوٺائي ويندي جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي، بشرطيڪ جيستائين ضابطا جوڙيا وڃن، گڏجاڻيون اهڙيءَ ريت ڪوٺايون ويندون جيئن چيئرمين هدايت ڪري.

(3)بورڊ جو ڪو بہ قدم يا ڪارروائي بورڊ ۾ ڪنهن آسامي يا ان جي جوڙجڪ ۾ ڪنهن نقص سبب غير موثر نہ هوندا.

(4)بروڊ عام يا خاص حڪم ذريعي ۽ اهڙين شرطن تحت جيئن بورڊ مڙهي، چيئرمين، مئنيجنگ ڊائريڪٽر يا ان جي عملدارن يا ملازمن کي پنهنجا ڪي بہ اختيار يا ڪم منتقل ڪري سگهي ٿو.

(5)بورڊ جي ملازمن طرفان سٺي نيت سان ڪنيل ڪنهن بہ قدم تي ڪنهن قانون جي عدالت ۾ سوال نہ اٿاريو ويندو.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**